# مولانا غلام محمد گرامي

## ۽ سندس ادبي خدمتون



آزاد انور ڪانڌڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مولانا غلام محمد گرامي
# ۽ سنڌس ادبي خدمتون

آزاد انور ڪانڌڙو

سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ، سنڌ

سال 2018ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: مولانا غلام محمد گرامي ۽ سندس ادبي خدمتون
مصنف : آزاد انور ڪانڌڙو
ڇاپو: پهريون
تعداد: 500
سال: آڪٽوبر_ 2018ع
ڪمپوزنگ: عبدالغفار همدم
ٽائيٽل: اسد علي رند بلوچ
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ
ڇپيندڙ: سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد
Cell: 0301_3492704

قيمت: 50 روپيا

Molana Ghulam Muhammad Girami Ain Sandus Adabi Khidmatoon

By: Azad Anwar Kandhro

Sindhi Adabi Sangat Shakh Mehar

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پنائي ڪتاب گهر حيدرآباد، فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ، بُڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، ڪنول سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد، تليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو راحيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي، ڪويتا ڪتاب گهر حيدرآباد، سومرا نيوز ايجنسي ميهڙ، ڪانڌڙا نيوز ايجنسي ميهڙ، ايوان صحافت ميهڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مولانا غلام محمد گرامي ۽ سندس ادبي خدمتون

آزاد انور ڪانڌڙو

**اها** انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن ايوب خان ملڪ جو صدر هو ۽ ايوب خان جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڏکيا ڏينهن آيل هئا. ايوب خان جي ايجوڪيشن پاليسيءَ شريف ڪميشنتحت سنڌي ٻوليءَ کي ٽئين درجي تائين محدود ڪيو ويو هو. ان ئي دور ۾ ايوب خان جمهوري ٽرين ۾ ملڪ جو دورو ڪيو هو. ان ٽرين ۾ مختلف مڪتبهٔ فڪر جي ماڻهن کي ايوب خان پاڻ سان گڏ سفر جي دعوت ڏني هئي. سنڌ جي هن يگاني، جڳ مشهور عالم، اديب، شاعر، نقاد، محقق، تاريخدان، صحافي، ڪالم نويس، علم و ادب جي درياهه سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ٽه ماهي "مهراڻ" جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گراميءَ به ان ٽرين ۾ ايوب خان سان گڏ سفر ڪيو هو. ايوب خان ٽرين ۾ هر ماڻهوءَ کي انفرادي طور سڏائيندو ۽ ساڻس گفتگو ڪندو هو. گرامي صاحب کي به ايوب خان سڏائي ساڻس گفتگو ڪئي. ايوب خان کانئس پڇيو هو ته "سنڌ جي ماڻهن جو ڇا حال آهي ۽ سنڌ جا ماڻهو منهنجي باري ۾ ڇا ٿا چون ۽ ڇا ٿا سوچين؟".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرامي صاحب ڪيس جواب ڏنو هو تہ ”سنڌ جا ماڻهو سادا ۽ سچا آهن ،حليم ،صابر آهن،پر هو هڪ اسپرنگ مثل آهن.هنن کي اوهان جيترو بہ ويهي دٻائيندا، هو پيا دٻبا ،چو تہ هو قربائتا آهن ۽ مريادا وارا آهن. هٿيلا نہ آهن. پر مجاڻ جو اهي ڪچن. جيئن اسپرنگ کي اڇل ايندي آهي ۽ متس وينل يا بيٺل ماڻهو اونڌي منهن وڃي ڪرندو آهي تيئن سنڌ جو ماڻهو انهيءَ اسپرنگ وانگر آهي. جنهن کي توهان قرب ۾ پيا دٻايو. محبت ۾ سر وٺي وڃو پر جيڪڏهن انهن ۾ اها اڇل اچي وئي ۽ سندن جوش ، جذبي ۽ غيرت کي للڪاريو ويو تہ پوءِ ان کي دٻائڻ وارو سامهون سٽ جهلي نہ سگهندو.

گرامي صاحب جي انهيءَ منهن تي سچ چوڻ واري ڳالهہ ايوب خان تي اهڙو اثر ڪيو جو اڳتي هلي ايوب خان سنڌين جي فطرت کي سمجهي، سنڌي زبان واري فيصلي کي 1962ع ۾ واپس ورتي. ان کي ساڳي حيثيت ڏني. اهو رڳو مان نٿو لکان پر چوان. پر اهڙي شاهدي 41 سال اڳ سنڌ جي برک محقق ،عالم،اديب **پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا** صاحب پنهنجي هڪ مضمون ”ڪجهہ حقيقتون“ (مهراڻ 04۔ 1976ع) ۾ بہ ڏني آهي.

” گرامي“ صاحب بابت سنڌ جي نامياري اديب ۽ سياستدان **پير علي محمد راشديءَ** لکيو آهي تہ: ”جنهن ٻوليءَ ۾ هن قسم جو قلم آهي، اها ٻولي نہ مرندي“.

سنڌ جي مهان ڪوي **شيخ اياز** گرامي صاحب کي هنن لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي: ”مولانا گرامي هڪ مسڪين ماڻهو هو پر ادب جي ڌن سان مالامال هو“.

<u>گرامي صاحب</u> جو جنم دادو ضلعي جي ميهڙ شهر ۾ هڪ مسڪين هاري، جاڙي خان لغاريءَ جي گهر ۾ 30 ڊسمبر 1920ع ۾ ٿيو. سندس نالو غلام محمد رکيو ويو. اُهو غريب جو ٻار اڳتي هلي هڪ عالم، فاضل، اديب، شاعر، دانشور ۽ محقق مولانا غلام محمد گراميءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس وڏن مان خاندان جو پريو مڙس برادي خان اول 1840ع ۾ شورڻ چوٽي ديري غازي خان مان آيو هو ۽ ميرن جي ڏنل جاگير ڏگهہ بالا ضلعي دادوءَ ۾ اچي رهيو ۽ اتي لغارين سان متي ماٽي ڪيائين. اڳتي هلي خانداني اڻبڻت جي ڪري اهو سمورو خاندان منتشر ٿي ويو ۽ هن وقت ان خاندان جا فرد ميهڙ، لاڙڪاڻي، قمبر، جوهي، پٽ گل محمد، ميرو خان جمالي جُهڏي، ڏيرگهہ بالا ۽ حيدرآباد ۾ رهن ٿا. ” گرامي“ صاحب مڪتبن ۾ پڙهيو ۽ پرائمري تعليم سنڌي اسڪول ميهڙ ۾ حاصل ڪيائين. هن ڪجهہ سنڌي، ڪجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربي فارسي ۽ ديني تعليم حاصل ڪئي. پر ونس جيڪا چاڻ هئي اها ذاتي مطالعي مشاهدي ڪوچنا. تجسس ۽ تجربي ڪري وڌي هن عمر جو ڪجهه حصو ديني رهنمائن سان گڏ گذاريو. ننڍپڻ ۾ گرامي صاحب نهايت سنهڙو ۽ ڪمزور هوندو هو. گرامي صاحب جي همعصر ۽ هم ڪلاسي مولوي نور محمد سنڌيءَ پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي ته "گرامي صاحب سنهڙي ۽ ڪمزور هئڻ سبب اسڪول ۾ ان وقت مشهور هو ته پهريون نمبر غلام محمد سنهڙو آهي ۽ ٻئي نمبر تي عبدالحميد خان جتوئي! ان وقت ڪين ٻاراڻو ڪتاب ماستر محمد صالح مرحوم پڙهائيندو هو ۽ ان دور ۾ اسڪولن جا ساليانا امتحان تعليم کاتي جو هڪ برجستو آفيسر مرحوم علي خان ابڙو وٺندو هو". گرامي صاحب ديني تعليم حاصل ڪرڻ ڇڏي ميهڙ ۾ پرائمري استاد اچي مقرر ٿيو. ميهڙ جي اسڪول ۾ استاد هئڻ دوران سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر سائين اسحاق "راهي" به وٽن پڙهيو. هو 1943ع ۾ پنهنجي استاد حاجي سيد علي اڪبر شاهه جي چوڻ تي جامعه عربيه اسڪول حيدرآباد ۾ استاد ٿي رهيو. ان وقت مٿس مذهبي اثر حد کان وڌيڪ هو اڳتي هلي جامعه عربيه اسڪول جي استادن ۽ مذهبي ٺيڪيدارن سان اختلافن سبب گرامي صاحب جامعه عربيه اسڪول کان علحدگي اختيار ڪئي. ان وقت گرامي صاحب کي تلڪ چاڙهيءَ جي مٿان رهائش جي جڳهه مليل هئي ان ڪري اهو گهر ۽ ان جو سامان ڦرائي ويئو.

گرامي صاحب 1951ع کان 1954ع تائين ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ فارسيءَ جو استاد ٿي رهيو ۽ علم جي روشنيءَ سان ڪيترن طالب العلمن جون دليون منور ڪيائين. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل ڪيترن علم جي شائقن جون دليون ۽ ذهن سندس علم ۽ محبت جي خوشبوءِ سان واسيل آهن.

" گرامي" صاحب جي شادي 1936ع ۾ ميهڙ پرسان ڳوٺ ٻُٽ سرائيءَ جي قريشين مان ٿي. سندس اولاد مان امان الله قريشي اڳ ڄائو فرزند هو جنهن جي ڇهن سالن جي عمر کان وٽي پرورش ڪيائين. جو اڳتي هلي سنڌ جو سٺو ليکڪ ۽ صحافي ٿيو. ڪيس ٻيو پٽ محمد شبير/ شبير گرامي ٿيو ۽ به نياڻيون رضيه ۽ ممتاز ٿيس. جي سڀ تعليم يافته آهن.

" گرامي" صاحب صحافتي زندگيءَ جو آغاز 1943ع کان "هلال پاڪستان" جي افتتاح واري دور کان ڪيو. "عبرت" جي ٻئي دور ۾ ان جو ڪالم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻي خوشيءَ مان ڪين "گرامي" جو لقب ڏنو جنهن کان پوءِ پاڻ ادبي دنيا ۾ مولانا غلام محمد "گرامي" جي نالي سان ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا.

هن سڄي عمر سنڌي ادب، ثقافت، صحافت، تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندي گذاري وٽس لفظن جا اڻ کٽ خزانا هئا. ڪيس سنڌ، سنڌين، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب سان اٿاهه عشق هو. هن دل جان ۽ اڻٿڪ ڪوشش سان سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي. جنهن ۾ زندگيءَ جون آخري ساعتون پڻ صرف ڪيائين.

مولانا غلام محمد "گرامي" سنڌ جو برک عالم، اديب، محقق، دانشور، نقاد ۽ شاعر هو ۽ سنڌي ادب جي اهڙي مايہ ناز شخصيت رهيو جنهن جي نالي ۽ خدمتن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي ادبي تاريخ ڪڏهن بہ مڪمل ٿي نہ ٿي سگهي. گرامي صاحب هڪ تاريخ، هڪ دور، هڪ تحريڪ ۽ علم ادب جو درياهه هو. سندس گهڻ پاسائين شخصيت ۽ خدمتن تي مون کان وڌيڪ اهي شخصيتون اظهار ڪري سگهن ٿيون، جن هن سان گڏ گذاريو ادبي تحريڪن ۾ ساڻس گڏ رهيا ۽ جن سندس جدوجهد ۽ ڪم کي ويجهي کان ڏٺو. گرامي صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ نوجوانن لاءِ اتساهه ڏيندڙ ۽ هڪ آدرشي انسان هو. سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ سڌاري لاءِ هن پنهنجي حياتيءَ ۾ خوب پتوڙيو پر الائي ڇو هن اهم علمي، ادبي شخصيت کي وساريو ۽ نظرانداز ڪيو ويو آهي.

"گرامي" صاحب "مهراڻ" جي ايڊيٽريءَ دوران جديد سنڌي ادب جي ڦهلاءَ ۾ وڏو ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيو. هونئن بہ ٽہ ماهي "مهراڻ" شروع کان وٺي ترقي پسند ۽ سنڌ دوست اديبن، محققن ۽ شاعرن جو ترجمان رهيو آهي. گرامي صاحب جي "مهراڻ" کي وڌ کان وڌ معياري ۽ جديد ادب جو ترجمان رسالو بنائڻ ۾ ڪيل ڪوشش کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهجي. 60 ۽ 70ع وارا ڏهاڪا سنڌ تي ڏکيا ڏينهن ڪٽي آيا. جهڙوڪ ون يونٽ ۽ مارشل لا جو نفاذ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ وارا منصوبا. پر اهڙي ڏکئي دور ۽ ڏکين حالتن ۾ سائين محمد ابراهيم جويي کان پوءِ گرامي صاحب ئي اهو واحد اديب هو جنهن "مهراڻ" رسالي ۾ کُلئي نموني سنڌ دوستيءَ جي پرچار ۽ سنڌ سان وفا جي وچن کي ورجايو. سندس اهڙن ڪارنامن سان پوري تاريخ پري پئي آهي. جنهن ڪري گرامي صاحب کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي.

"گرامي" صاحب ٽہ ماهي مهراڻ" رسمي نون اديبن ۽ شاعرن جي وڌ ۾ وڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهنمائي ڪئي. هن "مهراڻ" وسيلي نوجوان ليکڪن جي هڪ وڏي کيپ تيار ڪئي.

برک ڪهاڻيڪار امر جليل "مهراڻ" گرامي نمبر ۾ پنهنجي هڪ ڪالم "نئين ٿهيءَ جو سونهون" ۾ لکي ٿو "شروعات ۾ ڪو به ايڊيٽر مون کي قبول نه ڪندو هو اهو الائي ڪهڙو ڏينهن هو....... سائين گرامي صاحب جن سان ملاقات ٿي هئي چيو هئائون ته مون کي افسانا ڏي ته مان "مهراڻ" ۾ شايع ڪندس گرامي صاحب جن مون کي "مهراڻ" ۾ لکڻ لاءِ چيو. مون جيڪي ڪجهه لکيو سائينءَ "مهراڻ" جهڙي معتبر رسالي ۾ شايع ڪري ڇڏيو مايوسي اميد ۾ بدلجي وئي شوق جنون جي صورت اختيار ڪئي اهو دور "مهراڻ" رسالي جو ٽيون دور هو. سائين گرامي صاحب سنڌي ادب لاءِ افسانا نگارن جي نئين ٿهيءَ جي پرورش ڪئي جنهن ۾ علي بابا، نسيم کرل عبدالحق عالماڻي عبدالقادر جوڻيجو غلام نبي مغل قمر شهباز طارق اشرف، حميد سنڌي، شوڪت شورو، آغا سليم ماڻڪ ۽ مان شامل هئاسين."

ناميارو دانشور ظفر حسن پنهنجي مضمون "گرامي سائين" ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته "مون کي لکڻ تي مائل ڪرڻ لاءِ جتي آءٌ سچو الزام طارق اشرف تي هڻندو آهيان، جنهن مون کان زوريءَ ڪهاڻي لکرائي اتي آءٌ سائين گراميءَ کي به ان الزام کان آجو قرار نه ٿو ڏئي سگهان. جنهن مون کي پهريون جملو چيو هو: "اڳتي تون به ڪجهه لکي ڪٺي اچجانءِ!" ۽ ان جملي جي پڙاڏي ۾ آءٌ لکندو رهيس ۽ ڪاغذ ڦاڙيندو رهيس. جڏهن به ملندو هو ته پڇندو هو "شاهه! ڪجهه لکيئي؟" سائين گراميءَ جا اهي همٿائيندڙ لفظ رڳو منهنجي لاءِ نه هئا. پر هر ان نوجوان کي جنهن ۾ لکڻ پڙهڻ جو شوق هو جي سانس گڏبا هئا. ان لاءِ انهن ئي خيالن جو اظهار ڪندو هو "مهراڻ" رسالي جا فائيل ان ڳالهه جا شاهد آهن ته گهڻن نوجوان لکندڙن کي سائين گراميءَ ادبي کيتر ۾ آندو".

" گرامي " صاحب جي نوجوانن سان محبت، رهبري ۽ رهنمائيءَ کان متاثر ٿي موجوده دور جي ناميارې محقق ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ دوستن "گرامي پبليڪيشن "دولت پور صفن جه بنياد وڌو ۽ هي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا ويا. جن ۾ 1. سنڌ جي تباهي جا ڪارڻ (1978ع) 2. ساهيه ڪر سنيال (1979ع) 3. سنڌ صدين کان (1980ع)، 4. پير حسام الدين راشديءَ جو ڪتاب "سنڌي ادب" (1981ع)، 5. تاريخ (1984ع) سميت ڪيترائي شاندار ڪتاب ڇپرائي نه رڳو سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو پر گرامي صاحب جي روح کي حقيقي خوشي ڏني. دولت پور صفحن ۾ 1980ع ۾ گرامي صاحب جي نالي پنيان قائم مولانا غلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد گرامي لائبريري ۾ گرامي صاحب جي سندس چاهيندڙن پاران ادبي علمي پيتا آهي. گرامي صاحب جي خدمتن جي پيش نظر سندس جنم ڏينهن ميهڙ ۾ 1992ع ۾ تازو وچڙي ويل ناميارو صحافي سائين لائق سنڌي، ناميارو شاعر اسحاق راهي، ناميارو اديب نفيس احمد ناشاد، شيخ اسحاق دانش آزاد انور ڪانڌڙو جي دلچسپيءَ سبب ميهڙ ۾ اسان ڪجهه دوستن "بزمِ گرامي" ۽ بعد ۾ "گرامي اڪيڊميءَ" جو بنياد وڌو ۽ گرامي صاحب جي فڪر، فن، قلمي پورهئي ۽ ادبي خدمتن جي حوالي سان ڪيترائي سيمينار ادبي گڏجاڻيون ميڙاڪا ۽ ٻيا پروگرام منعقد ڪيا.

نئين نسل جي تربيت ۾ گرامي صاحب جو مثالي ڪردار رهيو. سنڌ جا هاڻوڪي دور جا برک شاعر، اديب ۽ دانشور ڊاڪٽر تنوير عباسي، استاد بخاري، امداد حسيني، ظفر حسن، تاج بلوچ، نفيس احمد ناشاد، محمد حسين ڪاشف، اسحاق راهي، تاج جويو، شهيد سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا نالا گرامي صاحب سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايا ۽ سندس رهبري ۽ رهنمائي ڪئي ۽ جن مهراڻ رسالي ذريعي پنهنجو نانءُ روشن ڪيو.

سنڌ جي برک شاعر تنوير عباسيءَ "مهراڻ" جي گرامي نمبر ۾ "مون سي ڏٺا ماءُ" مضمون ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي: 1952ع جو زمانو هو. منهنجي عمر 17 سال کن هئي. مرحوم شيخ عبدالله عبد، منهنجي شعرن مان ڪن جي اصلاح ڪري واپس ڏيندي چيو: "مان توکي اهڙي ماڻهوءَ سان ٿو ملايان، جو هوند مان ٻه ان کان ئي اصلاح وٺان. آئينده تون پنهنجا شعر گرامي صاحب کي ڏيکاريندو ڪر." مون مٿي نهاريو. خوبصورت ڪاريءَ سونهاريءَ ۽ ڪارين شرعي تراشيل مُڇن جي وچ مان، موتين جهڙا اڇا ۽ چمڪندڙ ڏند نمودار ٿيا. هڪ دلفريب مُرڪ. عينڪ مان اونهين اکين ڏي نهاريو. گهڙيءَ پل مون پنهنجي وجود مٿان، انهيءَ خوبصورت مرڪ کي هڪ ملڪي ۽ ٿڌي ڦوهاري جيان محسوس ڪيو. پوءِ مون گرامي صاحب جو جائزو ورتو. پيريل بُت، سادو سنڌي لباس، سانورو رنگ ۽ مٿي تي ڪراڪلي ٽوپي. مون گرامي صاحب کي چيو: "اوهان منهنجا شعر ڏسندا؟" ساڳيءَ مرڪ سان وراڻيائين: "ضرور، پر هتي مصروف آهيان. ڪو وقت ۽ جاءِ مقرر ڪريو، آچر مناسب ٿيندو"

مون اتاوليءَ مان پڇيو: "منهنجي گهر ايندا؟" مون کي اميد نه هئي ته گرامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،
سر عام هر بات چوندا رهياسين،
اوهان ڪيترو ئي دٻايو ڏتاريو
اسين رات کي رات چوندا رهياسين.
(شمشير الحيدري)

” گرامي“ صاحب حق گوئي ۽ حق پرستيءَ جي وقت جي علامت ۽ وڏو روشن مينار هو. سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر،اديب ۽ نقاد **تاج بلوچ** گرامي صاحب بابت پنهنجي مضمون ”آديسي اٿي ويا“ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ” سنڌي ادب تي عجيب ۽ غريب دور آيا. جدت ۽ ترقي پسنديءَ تي رجعت پسندن ڪفر ۽ الحاد جي فتوائن جا دفتر کولي ڇڏيا. مثلا: آزاد نظم ڪفر آهي فحاشيءَ کي ڦهلائڻ جو ذريعو آهي علم ۽ عروض کان انحرافيءَ ڪري فرار آهي. عجيب صورتحال هئي ليڪن جيڪو مرد مجاهد نئين نسل جو پرجهلو ٿي بيٺو اهو ”گرامي“ صاحب هو. هن نه فقط فڪري محاذ تان مخالفن جو مقابلو ڪيو ليڪن عملي طرح سان چند ٿي سهي ليڪن بهترين آزاد نظم لکيا. جيڪي فڪري اُٿام، نواڻ، تازگي ۽ زندگيءَ سان محبت ۽ زندگيءَ جي ڪيفيت کي ڀرپور طريقي سان ظاهر ڪن ٿا.“

گرامي صاحب آزاد نظم جي حوالي سان ڪيترائي علمي مقالا لکيا ۽ ترجمو ڪيا.

” گرامي“ صاحب سڄي حياتي ترقي پسند ادب جي آبياري ڪئي ۽ ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن جي رهنمائي ڪئي. هو سنڌي شاعريءَ جو وڏو پارکو هو. نئين ادب جي باني ۽ پرچارڪن مان هڪ هو. نئين ادب ۽ ان جي سرجڻهارن تي جڏهن به ڪٿان به ڪا به جُلهه ٿيندي هئي ته پاڻ سيني تيرن آڏو پنهنجو سينو تاڻي بيهي رهندو هو. 1964ع ۾ جڏهن سنڌ جي مٿان ون يونٽ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا، سنڌ دوستيءَ جو دم ڀرڻ ۽ حب الوطنيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ سرڪار جي حڪم نامي موجب ڏوهه هو. ان وقت سرڪار سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي ڪتاب ”ڀونر ڀري آڪاس“ تي بندش وڌي جن ڳالهين جي ڪري ڪتاب تي بندش پيئي انهن ڳالهين کي علمي طور رد ڪرڻ لاءِ ”گرامي“ صاحب جو قلم پنهنجي پوري جاهه و جلال سان جاڳي اٿيو. ۽ سنڌي شاعريءَ جي نون لاڙن تي ٽن سئو صفحن جو هڪ تحقيقي مقالو ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“ لکيائين جنهن ۾ عربي فارسي ۽ اردوءَ جي قديم ۽ جديد شاعري ۽ ادب جي مثالن ڏيڻ کان سواءِ هن شعر جي صنفن فڪر ۽ فلسفي تي سمورو ”عربي، فارسي۽اردو“ ادب آڻي گڏ ڪيو. گرامي صاحب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واحد ماڻهو هو جنهن ان دور ۾ شيخ اياز ترقي پسند شاعري ۽ ترقي پسند ادب جو عملي طور دفاع ڪيو ۽ رجعت پسند ترين خلاف قلمي جهاد ڪندي **"مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"** جهڙو شاندار ۽ شاهڪار مقالو لکيو جنهن ۾ ادب توڙي جديد شاعريءَ جي موضوعن، مضمونن، اسلوبن ۽ هيئت وغيره جو جيڪو ناقدانه ۽ فنڪارانه جائزو ورتو اٿس. تنهن ان دستاويز کي هڪ لاجواب بي مثال شاهڪار جو درجو ڏئي ڇڏيو آهي. ان مقالي جي مهراڻ 2، 1964 3ع ۾ ڇپجڻ کان پوءِ رجعت پسند ٽولي گرامي صاحب کي گارين ۽ ڪافر، ملحد، دين اسلام ۽ پاڪستان جو دشمن جهڙين فتوائن سان نوازيو. ڪورٽن ۾ مقدما داخل ڪيا. گرامي صاحب کي بورڊ جي نوڪريءَ مان ڪيڻ جو مطالبو ڪيو پر ڪين وريو ڪجهه به نه. انهيءَ مقالي جي جواب ۾ مضمون وغيره لکيا ويا. گرامي صاحب مقالي کان پوءِ ملندڙ گارين، فتوائن ۽ جاهلن جي جلهن کي پڌندو ڏسندو ۽ مرڪندو رهيو ڇو ته هن جو هر ساهه سچي اسلامي فڪر ۽ فلسفي سان معطر هو ۽ پاڻ مدني مرسل ﷺ جن جو سچو عاشق ۽ سندن انسان دوست تعليمات جو زبردست مبلغ هو. سندس سوچ، خيال ۽ نظريي جي همه گيري ان حد تائين هئي ته

زاهـــد تنــگ نظــر نـــه مجهـــي ڪـــافر جانـــا،
اور ڪـــافر يـــه ســمجهتا هـــي، مســلمان هـــون مـــين.

ناميارو اديب **غلام رباني آگرو** پنهنجي مضمون ۾ ان دور جي يادگيرين کي بيان ڪندي لکيو آهي: "گرامي صاحب جي خلاف سچي سنڌ ۾ مهم شروع ڪئي وئي سندس خلاف الحاد ۽ ڪفر جون فتوائون ڏنيون ويون. مٿس سنڌ دشمن اديبن متفقه طور اهو الزام مڙهيو ته گرامي ڪافر ۽ ملحد آهي. اڳتي هلي انهيءَ معاملي سنگين نوعيت اختيار ڪئي ڪورٽن ۾ مقدما داخل ڪيا ويا ۽ اخبارن ۾ هڪ گروهه هن جي خلاف ڪالم ڪارا ڪرڻ لڳو. بهرحال اهو دور ايوب خان جي زوال تائين هلندو رهيو تان جو ون يونٽ ٽٽو ۽ مس مس وڃي گرامي صاحب جي سنڌ دشمنن مان جند ڇٽي".

گرامي صاحب جنهن مردانگيءَ ۽ مجاهدي سان مذهب انسانيت جي مورچي تي مثبت رهي رجعت پسند، مذهب جي آڙ ۾ استحصال ڪندڙ فرسوده ۽ مدي خارج نظرين رکندڙن سان نهن ڏنو تنهن جو مثال سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ملڻ محال آهي. گرامي صاحب جو فڪر ۽ عمل نهايت وسيع هو. هو دينيات، مذهب ۽ فلسفي تي رجعت پسند مولوين جي روايتي انداز ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪر جي خلاف هو. هر ويرو روايتي ڪتابي علمن جو پرچار نہ ڪيائين. پر هن پنهنجي تحرير، تقرير، گفتار ۽ ڪچهرين ۾ انهيءَ ادب کي پلٽيو جنهن ۾ تفڪر ۽ تدبر موجود هجي ۽ ضمير جي تازگي هجي هن اها ڪوشش ڪئي تہ سنڌي ادب ۾ اهو مواد پيش ڪيو وڃي جو محض تفريح نہ هجي پر ذوق جماليت سان پرپور هجي صحتمند روح پيدا ڪري سگهي ان ۾ همت ۽ حوصلي جي روشني هجي حسن جو جوهر هجي تعمير جو روح هجي جيڪو انسان جي شعوري صلاحيت ۾ حرڪت پيدا ڪري سگهي ستل مزاج کي بيدار ڪري، هيڻن، مظلوم ۽ مجبور انسانن جي ڏکن جو دارون ٿي سگهي.

سنڌ ۾ اهڙا ٿورڙا ماڻهو آهن. جن کي تحرير ۽ تقرير ٻنهي تي عبور هجي ڪي تحرير ۾ تکا هوندا آهن تہ ڪي تقرير ۾ تيز. گرامي صاحب تقرير ۽ تحرير جو بادشاھ هو ٻئي فن سندس قبضي ۾ هئا. سچل جي ميلي تي ادبي ڪانفرنس هجي، سنڌي ادبي سنگت کي نئين سر جاڳائڻو هجي سنگت جو ڪو ميڙ هجي، لنواري شريف ۾ ادبي ڪانفرنس هجي روح رهاڻ جو ساليانو جشن هجي شاگردن جو ڪو ادبي ميڙ هجي، ماڙيءَ جو ميلو هجي، شاھ سائينءَ جي ميلي تي ادبي ڪانفرنس هجي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي هجي، سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي ڪا گڏجاڻي هجي سن ۾ شاھ حيدر سنائيءَ جي عرس جي تقريب هجي، بزم صوفيائي سنڌ جي ڪانفرنس هجي، بزم طالب المولي پاران ڪانفرنس هجي، سنڌي شام هجي، ون يونٽ خلاف ڪو ميڙ هجي، سنڌي ٻوليءَ جي تحريڪ هجي، جيئي سنڌ جي ڪا ڪوٺ هجي، ريڊيو _ ٽي ويءَ تي مذاڪرو هجي، جمعيت الشعراءِ جو ڪو ميڙ هجي، يا ڪو ٻيو پليٽ فارم انهن موقعن تي گرامي صاحب جون ڪيل تقريرون تاريخي حيثيت رکندڙ آهن. ۽ انهن کي فڪري تاريخ جو عظيم سرمايو چوڻ کان رهي نٿو سگهجي.

" گرامي" صاحب شاھ لطيف ۽ حضرت سچل سرمست جو شيدائي ۽ عقيدتمند هو. جڏهن بہ شاھ سائينءَ ۽ سچل سائينءَ جي فڪر، فلسفي، فن ۽ ڪلام تي ڳالهائيندو هو تہ ٻڌندڙن تي مستي ۽ هستي طاري ٿي ويندي هئي ۽ سڄي محفل وجد جي ڪيفيت اختيار ڪندي هئي.

" گرامي" صاحب پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بيحد دلچسپ ماڻهو. خوش مزاج، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ مجلس جو مور هوندو هو. سندس عام زندگي پڻ فقيرانہ هئي سندس

رهڻي ڪهڻي نهايت سادي ۽ سلوڻي هئي. اجائي ڏيک ۽ مصنوعي ٺٽ ٺانگر کان پري قلندر قسم جو ماڻهو هو. جنهن بہ مجلس يا ڪچهريءَ ۾ هوندو هو اتي رنگ لايو ويٺو هوندو هو. سندس طبيعت جي خلاف ڪا ڳالهہ هوندي هئي تہ ڪوشش ڪندو هو تہ ان کي کل خوشيءَ ۾ درگذر ڪري ڇڏجي. هن جي شخصيت ۾ عجيب محبوبيت هئي. جنهن بہ ساڻس هڪ پيرو ڪچهري ڪئي اهو سندس قرب ۾ ڪڙجي ويندو هو. سندس دوستن، مداحن ۽ شاگردن جو وڏو حلقو ڦهليل هوندو هو. ڊاڪٽرن عالمن، اديبن، شاعرن سياستدانن دانشورن ۽ ڳائڻ کان ويندي عام ماڻهن تائين ان ۾ هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا. پاڻ ڪنهن بہ موضوع تي في البديهہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پرمغز ۽ معنيٰ خيز گفتگو ڪندو هو.

" گرامي" صاحب جي سنڌي ادب ۾ عظمت ۽ ڪردار جو هڪ اهڃاڻ هي بہ هو تہ هن ٻولي، ادب، ثقافت ۽ صحافت لاءِ جيڪي ڪجهہ ڪيو، اهو ذاتي مفاد نہ پر اجتماعي قومي مفاد خاطر ڪيو.

گرامي صاحب جا ڪجهہ لکيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب ڇپيل آهن. جن ۾: ادبي اهڃاڻ، الله جو وجود، تعليم ۽ تربيت 1965ع، ويا سي وينجهار 1977ع، تاريخي افسانا ۽ (ڊراما 1977ع)، قائد اعظم جون تقريرون1976ع، ڪلامِ بلبل (ترتيب 1969ع)، ديوانِ بلبل (ترتيب 1969ع)، مسلمان ۽ تعليم، ترتيب 1977ع، "جامِ" "جم"، "مزاحيات" (ترتيب 1977ع)، مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات 1992ع، "دينيات" (اٺين ڪلاس لاءِ) . مولانا گراميءَ جون تحريرون (مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو) 2009ع، "تاريخ سولنگي" 2003ع ۽ ٻيا شامل آهن.

" گرامي" صاحب، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي تعليم جي روشنيءَ ۾ قرآن شريف جو تفسير تيار ڪيو جنهن جو قلمي نسخو مرحوم ڏيپلائي صاحب وٽ هو. افسوس تہ اهو علمي ۽ ديني صحيفو اڃا تائين نہ ڇپيو آهي.

سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ گرامي صاحب جيڪي ڪوششون ورتيون يا سنڌي ادب لاءِ جيڪو علمي تحقيقي ڪم ڪيو ان جي اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. گرامي صاحب سنڌ جي تاريخ تي لکيو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکيو ۽ آخري وقت تائين لکندو رهيو. سچ تہ گرامي صاحب جي شخصيت ۽ علميت تي جيترو لکجي ٿورو آهي. سندس علمي ادبي ثقافتي ۽ صحافتي خدمتن کي جيترو ساراهجي اهو گهٽ آهي. سندس صحبت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلند اخلاقي ۽ جو جيترو بيان ڪجي اهو بہ اڻپورو آهي

سنڌ جي هن عظيم انسان، عالم، اديب، شاعر، دانشور، محقق، نقاد، تعليمي ماهر 15 سيپٽمبر 1976ع اربعا جي ڏينهن، منجهند جو ٻي وڳي 21 رمضان المبارڪ 1397هہ جي بابرڪت ۽ ڀلاري مهيني ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس مزار حيدرآباد ۾ غلام شاهہ ڪلهوڙي جي معقبري جي صحن ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ۽ جي مزار بہ آهي.

پرواني ڀٽي ۽ چواڻي: "جڻ رسالي تہ ماهي "مهراڻ" جو ڪم ڪندي ٽڪجي پيو آهي ۽ ڪيس ننڊ اچي ويئي آهي، پر ابدي ننڊ...."

اڄ "گرامي" صاحب اسان وٽ نہ آهي پر هن جو فن ۽ فڪر موجود آهي هن جيڪي ڪجهہ اسان کي ڏنو آهي سو هميشہ اسان کي سندس ياد ڏياريندو رهندو.

(حوالا "مهراڻ" گرامي نمبر 1976ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوائ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَڻَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڻَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڻَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book